# پارن لاء بائبل
تحفو

# يسوع جا معجزا



لکيل پاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: Byron Unger; Lazarus
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: E. Frischbutter; Sarah S.

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan

ٺاهيل پاران: Bible for Children
www.M1914.org

©2024 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي،
جيئن جيسيتائين تون ان کي وڪرو نٿا ڪريو.

يسوع ڪيترائي معجزا ڪيا. معجزا نشانيون هيون ته ڏيکارين ته يسوع واقعي خُدا جو فرزند آهي. پهريون معجزو هڪ شاديِ جي دعوت ۾ ٿيو. هڪ مسئلو پيدا ٿيو. هر ڪنهن لاءِ مئي ڪافي نه هئي.



مريم، يسوع جي ماءُ، ڪيس ان مسئلي بابت ٻڌائي ٿي، پوءِ هوءَ نوڪرن کي چوي ٿي ته جيئن يسوع  حڪم ڪري، تنهن تي عمل ڪن.



"انهن مٽن کي پاڻيءَ سان پريو،" يسوع چيو.
"پاڻي؟" انهن شايد پڇيو هجي. ها، پاڻي جيئن
يسوع چيو هو.



پوءِ يسوع هڪ نوڪر کي
چيو ته هڪڙي وڏي ٿانءَ
مان کڻي ۽ مير مجلس وٽ
کڻي وڃو ته اهو چکئي.
پاڻي هاڻي مئي هو! سٺو
مئي! بهترين مئي!



نوڪر حيران ٿي ويا.
يسوع پاڻي کي مئي ۾ تبديل
ڪري ڇڏيو هو. رڳو خُدا
ئي اهڙو معجزو ڪري
سگهي ٿو.



يسوع ٻيا معجزا به
ڪيا. هڪڙي شام،
هو ۽ سندس شاگرد
پطرس جي گهر ويا.
پطرس جي سس بخار
سان ڏاڍي بيمار هئي.



يسوع بيمار عورت جي هٿ کي ڇهيو. ٿوري دير ۾ هوءَ وري
ٺيڪ ٿي وئي. هوءَ اٿي بيٺي ته يسوع ۽ شاگردن جي خدمت
ڪري.





لڳيو ٿي ته سڄو شهر
ان شام دروازي تي گڏ
ٿي ويو هو. بيمار ماڻهو
آيا - انڌا، ٻوڙا، گونگا،
معذور. ايستائين جو
انهن ۾ ڀوتن وارا ماڻهو
يسوع وٽ اچي گڏ ٿيا.
ڇا هو ايترن ماڻهن
جي مدد ڪري
سگهي ٿو؟

يسوع، خُدا جو پٽ، مدد ڪري سگهي ٿو. يسوع مدد ڪئي.
سڀيئي جيڪي وٽس آيا، تن کي شفا ملي. جيڪي ماڻھو بيچپن
کان بيساکين تي زندگي گھاريو هو هاڻي هلي سگهي ٿو،
ڊوڙي سگهي ٿو ۽ ٽپو ڏئي سگهي ٿو.





پيا به آيا، جيڪي
ڪوڙهه جي
مرض سان
بدصورت بٹيل هئا.

جيئن يسوع ڪين شفا
ڏني، اهي مڪمل
صحتمند ۽ پاڪ
صاف ٿي ويا.





پوتن سان پريشان
مرد ۽ عورتون
يسوع جي اڳيان بيٺا
هئا. هن پوتن کي
حڪم ڏنو ته انهن
کي ڇڏي ڏيو. جيئن
شيطانن يسوع جي
فرمانبرداري ڪئي،
خوفزده، ناخوش
ماڻهو پرامن ۽
خوش ٿيا.

ميڙ جي پٺيان، چار ماڻهو پنهنجي دوست کي يسوع وٽ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. پر اهي ويجهو نه پهچي سگهيا. اُهي ڇا ٿي ڪري سگهيا؟



بيمار ماڻهوءَ کي گهر جي ڇت تي
کڻي ويا، ڇئن وفادار دوستن ڇت
کڻي کوليائون ۽ کيس هيٺ
اڻو. هاڻي هو يسوع جي
ويجهو هو.





يسوع ڏٺو ته چئن
دوستن جو ايمان
هو. هن بيمار کي
چيو ته "تنهنجا
گناهه معاف ٿي ويا
آهن، پنهنجو بسترو
کڻ ۽ گهُم ڦر."
ماڻهو اٿي بيٺو، چڱو
۽ مضبوط. يسوع
کيس شفا ڏني هئي.

ٿوري دير کان پوءِ يسوع شاگردن سان
گڏ ٻيڙيءَ ۾ ويٺو. هڪ خوفناڪ
طوفان سمنڊ ۾ اچي ويو. يسوع ننڊ ۾
هو. خوفزده شاگردن کيس
جاڳايو. "اي خُداوند، اسان
کي بچايو" هنن رڙ ڪئي.
"اسان چٿ ٿا ٿيون!"



"چپ رهو،" يسوع موجن کي حڪم ڏنو. فوري طور تي، سمنڊ خاموش ٿي ويو. "هي ڪهڙي قسم جو ماڻهو آهي؟" سندس شاگرد سرگوشيون ڪندا رهيا. جيتوڻيڪ هوا ۽ سمنڊ هن جي فرمانبرداري ڪن ٿا. انهن ايمان آندو ته يسوع خُدا جو فرزند هو، چاڪاڻ ته هن جا معجزا هن جي جلال کي ظاهر ڪن ٿا. شاگردن



کي اها خبر نه هئي، پر اهي ڏسڻ وارا هئا ته يسوع ان کان به وڏا معجزا ڪندو هو ماڻهن جي وچ ۾ خُدا جي خدمت ڪندو.

# يسوع جا معجزا

خُدا کان هڪ ڪهاڻي ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

متي ٩-٨، مرقس ٢-١، مرقس ٤،
لوقا ٤، لوقا ٨، يوحنا ٢

"تنهنجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ثوڏئي."
زبور 119: 130




40

60

هيء ڪهاڻي اسان جي عجيب خُدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانکي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته ڪيس اسان ڄاڻون.

خُدا ڄاڻي ٿو ته اسان تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين ڪي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽ گناهه جو اجر موت آهي،پر خُدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوء يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽ آسمان ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان پهنجن گناهن جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٽ ايندا ۽ توهان جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاء ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائ آهي ته خُدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خُدا آهيوۓ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽ منهنجي گناهن لاء مري ويوۓ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ڏيء ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڙهو ۽ هر روز خُدا ساڻ ڳالهايو.